پارائو ادب

سنڌ جا سپوت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

Gul Hayat Institute

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ٻارائو ادب

سنڌ جا سپوت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

Gul Hayat Institute

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ڇپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو
(حق ۽ واسطا محفوظ)
ڇاپو پهريون ١٩٩٠
تعداد ٥٠٠٠
قيمت ١٥-٠٠ رپيا

Personalities of Sindh
Published by : Department of Culture and Tourism
Government of Sind
Printed by : Azad Communications Karachi.

هي ڪتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي
پاران ڇڏرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪلچر (پبليڪيشنس)
جي نگرانيءَ هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي ڇپيو.

ملڻ جو هنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلچر (پبليڪيشنس)
جناح ڪورٽس، ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ ڪراچي.
فون - 513334

Gul Hayat Institute

پيش لفظ

هن وقت تائين ٻارڻي ادب تي ايترو توجهه نه ڏنو ويو آهي، جيترو ڏيڻ کپندو هو. ٻارڻو ادب قومي جاڳرتا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. اها هڪ ميڃيل حقيقت آهي ته ٻارڻي عمر ۾ ڪنهن شيءِ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت، وڏي عمر وارن جي ڀيٽ ۾ گهڻي هوندي آهي. ان عمر ۾ ئي ٻارن جي پيڙهه پختي ٿيندي آهي.

ٻارڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، اسان ٻارن جي تعليمي ۽ ذهني اوسر لاءِ دلچسپ، اصلاحي، مفيد، معلوماتي، تاريخي ۽ ديني ڪتابن شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

معلومات ۽ وندر وارن ڪتابن سان گڏ، اسان جي اها پڻ ڪوشش آهي ته ٻارن کي پنهنجن عظيم سپوتن ۽ انهن جي ڪارنامن کان واقف ڪريون ته جيئن هو اخلاق ۽ ڪردار جي پختگي طرف گامزن ٿي، مستقبل ۾ ڪاميابيون ماڻي سگهن.

ڪتاب، انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو انکي سنئين راه تي ولي وڃي ٿو۽ منجهس اخلاق، سچائي، بهادري ۽ ٻُري ڀلي سمجهه پيدا ڪري ٿو. ٻارن لاءِ ڪتابن جو اهو تحفو ڏيندي سنڌ ثقافت کاتو گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو. اميد اٿئون ته اسان جي هيءَ نماڻي ڪوشش توهان وٽ قبول پوندي.

مهتاب اڪبر راشدي

Gul Hayat Institute

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

شاهه جو حسب نسب

شاه عبداللطيف ڀٽائي، سيّد گهراڻي جو هو، تنهنڪري سندس نسل وڃي ٿو حضرت محمد صلعم سان ملي ٿو. سندس وڏا هرات ۾ رهندا هئا. شاه صاحب جي وڏن مان سيّد حيدر شاه سئر ڪرڻ جي خيال سان سنڌ ۾ هالن جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو. انهن ڏينهن ۾ وقت جي حاڪم مير محمد، هالن جي ڪن مسڪين ماڻهن تي 525 روپيا ڏنڊ رکيو هو، جيڪو هو غريبيءَ جي ڪري ادا نہ پئي ڪري سگهيا. سيّد حيدر شاه تمام رحمدل ۽ سخي انسان هو، هن اها رقم ادا ڪري، مسڪين راڄ وارن جي جند حاڪم کان آزاد ڪرائي. ان ڪانسواءِ سيّد صاحب ڳوٺ جي ماڻهن سان آئيءَ ويل ۾ ڏاڍا سانت ڏنا.

سيّد حيدر شاه جي اهڙي انسان دوستيءَ واري خاصيت ڳوٺ جي نيڪ مرد شاه محمد هالي کي ڏاڍو متاثر ڪيو، جنهن کيس پنهنجي نياڻي نڪاح ڪري ڏني. سيّد حيدر شاه کي ان زال مان هڪڙو پٽ ڄائو، جنهن جو نالو سيّد مير علي رکيائون.

Gul Hayat Institute

سيّد مير علي جڏهن وڏو ٿيو، تہ هن بہ شاديون ڪيون، هڪڙي ماماڻي نک يعني هالي ذات مان ۽ ٻي ترڪن مان. پهرين زال مان ڪيس جيڪي اولاد ٿيو، ان کي شرف پوٽا سڏجي ٿو ۽ شاه عبداللطيف شرف پوٽن جي نک مان آهي.

شاه عبداللطيف جا وڏا هالن ۾ گهڻو وقت رهڻ ڪانپوءِ اتان لڏي ويجهي ڪجهہ پنڌ تي رستي جي پر سان هڪڙي ڳوٺ ۾ وينا، جنهن کي اڄڪلهہ 'مٽياري' سڏجي ٿو. مٽيارين جي پرسان درياه جون شاخون وهنديون هيون، جنهن جي ڪنارن جون زمينون ڏاڍيون زرخيز هيون. انهن ڏينهن ۾ زمين، آباد ڪندڙ جي ملڪيت سمجهي ويندي هئي، ۽ اُهي آبادگار-حڪومت کي ڍل ڏيندا هئا مگر سنڌ جا سيّد گهڻو ڪري ڍل کان بہ آجا هوندا هئا. مٽيارين جي سيّدن درياهہ جي ڪنارن سان ڪافي زمينون پاڻ آباد ڪيون. انهن سيّد آبادگارن ۾ شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو بہ هڪ ناليارو صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي، جو شاه عبداللطيف جو ٽڙ ڏاڏو هو.

تاريخن ۾ لکيل آهي تہ مٽيارين جا سيّد، جن کي بعد ۾ متعلوي سيّد سڏيو ويو، وڏي عزت ۽ آبروءَ وارا هئا. هنن ڪافي زرعي زمينون حاصل ڪيون، ان ڪانسواءِ سندن پيري مريديءَ جو بہ تمام وڏو رستو هيو، انهيءَ ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي وڏن جي تمام گهڻي عزت هوندي هئي.

Gul Hayat Institute

ولادت

شاه عبداللطيف، سيّد حبيب الله شاه جو پٽ، سيّد عبدالقدوس شاه جو پوٽو ۽ سيّد جمال شاه جو پڙ پوٽو هو. سيّد جمال شاه، شاه عبدالڪريم جو ٽيون فرزند هو. اهڙيءَ طرح شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو شاه عبداللطيف جو ٽڙ ڏاڏو هو.

پٽائي گهوٽ سال 1102 هجري، مطابق 1689ع ۾ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾، ڳوٺ ڪٽياڻ جي ويجهو " پٽي پور " ۾ ڄائو. سندس ڄاءِ هالا حويليءَ ۾، پٽي پور سان لڳ ڏکڻ اپرندي جي ڪنڊ تي هئي. جنهن گهر ۾ شاه صاحب ڄائو هو، اُتي پوءِ هڪڙي مسجد جوڙائي وئي، اها مسجد لطيفي جماعت جي لونگ فقير مهيسر لوڙهي واري جوڙائي هئي. لونگ فقير جو مقبرو هن وقت خيرپور رياست ۾ آهي.

شاه حبيب کي ٽي گهر واريون هيون، جنهن مان پهرين گهر واريءَ مان يعني مخدوم عربيءَ جي خاندان واري بيبيءَ مان فرزند ڄائو، جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائين، مگر هو اڃان ٻارڙو هو تہ فوت ٿي ويو. ان ڪانپوءِ وري ننڍي گهر واريءَ مان پٽ ڄائس، جنهن جو نالو جمال شاه رکيائين، جنهن جو اولاد اڃان تائين پٽ جي گاديءَ تي ويهندو ٿو اچي. پوءِ وري پهرين گهر واريءَ مان ٽيون پٽ ڄائس، جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائين. اهوئي اسان جو شاعر شاه عبداللطيف هيو، جيڪو وڏي هوندي واقعي قطبِ ثابت ٿيو.

Gul Hayat Institute

سيني تاريخن ۾ لکيل آهي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو جنم 1102هہ، مطابق 89-1690ع تي ٿيو ۽ وفات صفر 1165هہ مطابق 1752ع تي 63 سالن جي عمر ۾ ٿي. سندس مزار ڀٽ تي آهي، جتي هر سال چوڏهين صفر تي ميلو لڳندو آهي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترائي پانڌيئڙا ڪهي اچي ڀٽ تي سلامي ٿيندا آهن.

ننڍپڻ ۽ تعليم

شاهہ عبداللطيف جي ڄمڻ کانپوءِ شاهہ حبيب هالا حويليءَ ۾ گهڻو وقت نہ رهيو، پر جلدئي ڪوٽڙيءَ نالي هڪ ڳوٺ ۾ اچي وينو. اهو ڳوٺ موجوده ڀٽ کان ڪوهہ کن پري هو، جو هاڻي ڦٽي ويو آهي. ڪوٽڙي مغلن جو ڳوٺ هو. مغل سنڌ ۾ حاڪم ٿي رهيا هئا ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ گهڻي وقت کان آباد هئا. هن ڳوٺ ۾ سٺا مدرسا بہ هئا، جن ۾ قابل استاد ٻارن کي پڙهائيندا هئا. در اصل شاهہ حبيب هالا حويليءَ مان لڏي ئي انڪري آيو هو تہ جيئن ننڍڙي لطيف جي تعليم جو مڪمل بندوبست ٿي سگهي. ٻئي طرف شاهہ حبيب بہ اعليٰ گهراڻي جو سيّد هيو- تعليم ۽ تدريس سندن ورثو هو، انڪري سيدن جي گهر ۾ تعليم جو سٺو ماحول موجہ ـہ هو، جتان شاهہ لطيف علم جي زيور سان آراستہ ٿي نڪتو.

شاهہ لطيف کي جنهن اسڪول ۾ داخلا ملي هئي، ان ۾ ميان

Gul Hayat Institute

نور محمد ڀٽي استاد هو. ميان نور محمد ڀٽي تمام قابل- ڪار استاد هو. هو ٻارن جي نفسيات کان مڪمل واقف هو، انڪري هو اسڪول ۾ مختلف موضوعن تي شاگردن کي بحث مباحثي جي لاءِ شوق ڏياريندو هو. در اصل انهيءَ زماني ۾ اسڪول ۾ ٻار تڏهن داخل ٿيندا هئا، جڏهن سندن عمر ڏهه ٻارنهن سال ٿيندي هئي، ۽ اهي شاگرد تمام گهڻو هوشيار هوندا هئا، جيڪي پنهنجي گهر ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪري ايندا هئا. شاهه صاحب هون ئي ذهين هو. ٻيو تہ سندس گهرو ماحول بہ سڌريل هو، انڪري ڪيترن ئي موضوعن تي بحث ڪندي ٻين شاگردن کي ماري ويندو هو، جنهن ڪري شاهه صاحب وري استاد سان بہ بحث ڪندو هو. ان بحث مباحثي جي شاهدي اسان کي انهيءَ روايت مان بہ ملي ٿي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ شاهہ صاحب پنهنجي استاد کي ”الف“ ۽ ”ب“ جي متعلق بحث ۾ تمام گهڻو متاثر ڪيو هو. انهيءَ تعليمي قابليت جو اثر ميان نور محمد ڀٽيءَ تي ايترو ويٺو، جو آخري عمر هُن پنهنجي هونهار ۽ لائق شاگرد شاهہ عبداللطيف وٽ پٽ تي گذاري.

شاهہ صاحب ڪوٽڙيءَ جي درسگاهن جي تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ ٺٽي تعليم وٺڻ لاءِ ويو. ٺٽو انهن ڏينهن ۾ دنيا جي تمام وڏن شهرن جي مقابلي جو شهر هيو، جنهن ۾ تعليم جا 400 سو ڪاليج هئا. انهن ڪاليجن ۾ اعليٰ پائي جا استاد پڙهائيندا هئا. انهن مڙني ڪاليجن ۾ مخدوم محمد معين

Gul Hayat Institute

نـئـويءَ جو ادارو تمام گهڻو مشهور هو. علامہ مخدوم محمد معين نـئـوي حديث شريف جو سبق شاهہ ولي الله کان حاصل ڪيو هو ۽ تصوف ۾ شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ کان تعليم حاصل ڪيل هيس. تحفة الڪرام ۾ شاهہ عبداللطيف جي ملاقاتن جي ذڪر مان معلوم ٿو ٿئي تہ سندن يارانو علمي ۽ ادبي قسم جو هيو- ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف ٺٽائي ان ڪاليج ۾ موسيقي ۽ فلسفي جي تعليم بہ سکيو هجي ! مگر، افسوس آهي تہ اسان وٽ تاريخ جا ورق ايترا تہ مروڙيل آهن، جو انهن تي علمي لکيرن کان وڌيڪ دهشت گردن جي هٿن جا نشان نظر اچن ٿا.

صورت ۽ سيرت

شاه عبداللطيف جي حليہ مبارڪ ۽ سيرت متعلق سندس وقت کي ويجها جيڪي مفڪر ۽ سوانح نگار هئا، اُهي گهڻو ڪري هڪ ٻئي سان متفق نظر اچن ٿا. انهن ليکڪن جي چوڻ مطابق تہ شاهہ صاحب هڪ اعليٰ شخصيت جو مالڪ هو. هو جيتوڻيڪ ايڏو قداور مڙس نہ هو، تڏهن بہ وچولي قد کان البتہ ڊگهيرو هو. ڪلها موڪرا هئس، ۽ بدن ۾ نڪي تمام سنهون هو ۽ نڪي تمام ٿلهو. جسماني طاقت چڱي هيس، ۽ ساري حياتي تندرست گذاريائين. سندس وار جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ڳوڙهي ڪاري رنگ جا هئا، ۽سندس سونهاري گهاٽي ۽

Gul Hayat Institute

ڇاپيئين هئي. سندس چمڙي ڪڻڪ رنگي هئي مگر سفيديءَ ڏي مائل هئي. سندس پيشاني ڪشادي ۽ اکيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون، جي مشعل وانگر ٻيون ٻرنديون هيون. سندس منهن مٽيا دار هو، ۽ پيريءَ ۾ ته منجهائنس هڪ نوراني جمال پيو بکندو هو. سندس اٿڻ ويهڻ، هلت چلت، ڳالهائڻ ٻولهائڻ نهايت فضيلت وارو هو.

شاهه صاحب ننڍپڻ کان ئي نهايت خليق ۽ حليم طبع جو مالڪ هو. سندس طبيعت ۾ جيتري سنجيدگي هئي، اوتري ئي سندس فطرت ۾ هر دلعزيزي ۽ کل مکائي به هئي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هڪڙي فقير و ڳنڊ سان کل ڀوڳ به ڪندو هو. شاهه صاحب، و ڳنڊ فقير لاءِ ڪي ڀوڳائي بيت به چيا آهن، جيڪي سر بلاول ۾ موجود آهن. انهن مان هڪڙو بيت مثال لاءِ هتي ڏجي ٿو:

اَسور سندي آسري، وينو آهي وَڳنڊ،
هڏ نه ڇڏيندو هنڊ، آيس بوءِ بهار جي.

شاهه صاحب اڪثر ڪري ڳنيرتا ۾ گذاريندو هو، ۽ اهائي ڳنيرتا سندس جرئت ۽ حشمت واري شخصيت ۾ وڌو اضافو ڪندي هئي، جنهن ڪري سڀئي ماڻهو سندس ادب ۽ احترام ڪندا هئا. شاه صاحب ٿورو کائيندو هو، ۽ ڳالهائيندو به گهٽ هو. هو نهايت صفائي پسند هو، سهڻين شين ۽ جمالي جذبن کي گهڻو پسند ڪندو هو، مگر جڏهن راڳ جي محفل شروع

Gul Hayat Institute

ٿيندي هئي، تہ مٿس جلالي اثر طاري هوندو هو. مطلب تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جيترو هو مُرس مٽيادار، اوتري ئي هئي سندس منڊڙي طبيعت، جنهن جو عڪس سندس ڪلام جي هر بيت ۾ چٽو نظر اچي ٿو.

لباس

شاهہ صاحب بلڪل سادي پوشاڪ پهريندو هو. اڪثر ڪري هڪ گيڙوءَ رتي الفي پائيندو هو، جا ڪاري سوٽي ڌاڳي سان سبيل هوندي هئي. مٿي ۾ اڇي رنگ جي هڪ لنبي ٽوپي وجهندو هو، جهڙي قلندر پائيندا آهن، ۽ جنهن کي ’ تاج ‘ يا ’ ڪُلاهُ ‘ ڪري سڏيندا آهن. انهي ڪلاهہ جي مٿان ڇهہ فوٽ ڪن ڪاري ڪپڙي جا، ٻٽي ور ويڙهي ڇڏيندو هو. جتي پائيندو هو، مگر ڪڏهن پور پوندو هوس تہ پيرن اگهاڙو بہ گهمندو هو. هٿ ۾ هڪ وڏي لٺ کڻندو هو، جنهن جو مٿو جوڳين جي ٻيراڳڻ جهڙو هوندو هو. اِهي سيئي شيون، ايحان تائين صحيح سلامت، سندس فقيرن وٽ ڀٽ تي رکيل آهن.

رحمدلي

شاهہ صاحب جي سيني ۾ الله تعالي هڪ تمام وڏي ۽ ڪشادي دل رکي هئي. هو رحمدل ۽ همدرد انسان هو. کيس غريبن ۽ مسڪينن تي تمام گهڻو رحم ايندو هو. تَڪبر ۽ وڏائيءَ سان تہ کيس پوندي ئي ڪا نہ هئي، انڪري نهٺائيءَ ۽ هيٺاهين سان

هلڻ جي تمام گهڻي هدايت ڪئي اٿائين. جيئن هيٺين بيت ۾ فرمائي ٿو:

ڪم، ڪمندن ڪٿيو، هارايو هوڙهن،
جهڪيو نا چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

شاهه صاحب هڪ فقير صفت انسان هو، نه ڪنهن سان دشمني هيس ۽ نه بغض پر جيڪڏهن ڪو ساڻس دشمني ڪندو، ته اهو خود پريشان ٿيندو هو ۽ ساڻس ناه ڪري ۽ سندس مريد ٿيندو هو. اهوئي مثال ميان نور محمد ڪلهوڙي (وفات 1755ع) جو ڏئي سگهجي ٿو، جيڪو ساڻس دشمنيون پيو ڪندو هو، پر شاهه صاحب کي ڪو به نقصان نه ڏيئي سگهيو. آخر جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙو شرمسار ٿيو ته پاڻ ئي شاهه صاحب سان ناه ڪيائين ۽ کانئس پٽ جي دعا به گهريائين. جنهن لاءِ چيو ويجي ٿو ته ميان غلام شاهه ڪلهوڙو ميان نور محمد کي شاهه صاحب جي دعا سان ڄائو هو.

سئر و سفر

شاهه صاحب سنڌ جي تقريباً سيني حصن جو سئر ڪيو هو. کيس سئر ۽ سفر ڪرڻ ۽ فطرت جي نظارن ڏسڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. در اصل سنڌ جي جنهن حصي ۾، هُن اک کولي ۽ جوانيءَ کي پهتو، اهو حصو سنڌ جي دل هيو. نصر پور، هالا، بلڙي ۽ ڪوٽڙي مغل، اهڙا شهر هئا، جتي علم ۽ عالم ته جام

Gul Hayat Institute

هئا، پر فطرت جون فياضيون بہ ڪي گهٽ ڪو نہ هيون. ان حصي ۾ درياءَ جي واهڙن جو ڄار وڇايل هو. ساوڪيءَ جي منڊ ۾ هر طرف ٻوڏون ۽ پاڻيءَ جون ڇرون ٿي ويندڀون هيون، جنهن جي ڪري چؤ طرف وڻراهه، ٻيلا ۽ گلزار ٿي ويندا هئا. پکين جون منڙيون لاٿيون ۽ قدرت جون ڪارستانيون ڪيس ڇڪي آڻي انهيءَ فطرت جي جوبن ۽ جمال جي مطالعي ۽ مشاهدي ۾ مشغول ڪنديون هيون.

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ:

”شاه صاحب ننڍي عمر ۾ ئي اڪثر جهنگ ڏي منهن ڪري هليو ويندو هو، ڏينهن جا ڏينهن اُتي اڪيلوئي گُمُ هوندو هو.“

هن تحرير مان في الحال ايئن ٿو لڳي تہ شاهہ صاحب ڪو مستانو هيو، پر حقيقت ۾ ايئن ڪونهي. شاهہ صاحب فطرت جي حسن ۽ جمال جو طالب هيو، جنهن ڪري سندس ڪلام ۾ ٻين رنگن کان وڌيڪ فطرت جو رنگ نمايان نظر ٿو اچي.

ڇيٺمل پرسرام لکي ٿو:

”شاهہ صاحب فطرت جو گهرو مطالعو ڪيو هو، جنهن ڪري هو فطري شاعر آهي.“

Gul Hayat Institute

قرآن پاڪ ۾ خدا تعاليٰ فطرت يعني سرشتي جي اڀياس جو هنڌ هنڌ تي تاڪيد فرمايو آهي. انسان جي وجود ۽ بناوت تي ويچار، آسمان ۽ آسماني جسمن جي ڪاروائين تي ڌيان،

مرن، پکين ۽ جيتن جي چرپر تي خيال، جبلن، ندين، ڍنڍن ۽ ڍورن جا نظارا، وڻن ٻوٽن ۽ گاهن تي غور ڻي فطرت جو اپياس آهي، جنهن جي وسيلي خدا تعاليٰ جي پاڪ هستيءَ تي يقين ڄمي ٿو ۽ سندس قدرت، ڪاريگري ۽ ڪرم تي انسان جو روح قربان ٿئي ٿو.

محمد صديق ميمڻ، شاهه صاحب جي ڪلام ۾ فطرت جي اپياس واري پهلوءَ تي لکيو آهي:

> "شاهه صاحب جو ڪلام ڏيکاري ٿو تہ فطرت جو اپياس شاهه صاحب تمام گهڻو ۽ چڱيءَ طرح ڪيو هو، تنهنڪري ئي قدرت جا نظارا اهڙي دلچسپ نموني ۾ بيان ڪيا اٿس، جو سنڌ جو ٻيو ڪو بہ شاعر پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي فطرت نگاري ڏيکاري نہ سگهيو آهي، شاهه صاحب جهنگن، جبلن، ماترين ۽ ميدانن جا جيڪي گشت ڪيا هئا، سي ڪيس فطرت جي اپياس جي ڪشش ڪرايا هئا."

صوفيانو ذهن تہ شاهه صاحب جو ورثو هو، ويتر جو فطرت جي جمال ۽ حسن جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪيائين تہ ڪيس دل جي اڌمن مجبور ڪيو تہ سنڌ جي مختلف حصن جو سئرُ ڪري ۽ فقيرن درويشن جي درگاهن ۽ تيرٿن کي گهمي ڏسي، جنهن ڪري نڪري پيو سامين ۽ جوڳين سان، سندن جاتائن ۽ زيارت

Gul Hayat Institute

گاهن تي.

شاه صاحب جا سيئي سوانح نگار ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ:

" ٽي ورهيہ برابر هند ۾ فقيرن جي سنگت ۾ گذاريائين ۽ 'لاهوت'، 'ناني' ۽ 'سپڙ سخي'، جون زيارتون بہ ڪيائين. "

فقيرن ۽ جوڳين سان گڏجي شاهہ صاحب سنڌ جي جن حصن جو سئر ۽ سفر ڪيو، انهن جو ذڪر ڪندي شاهہ سائين جو وڏو شارح ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

" انهن جي صحبت ۾ گهڻيئي ملڪ ڦريو، ۽ ڪيترين سنڌن تيرٿن جون جايون ۽ تڪيا ڏٺائين، لکپت ۽ گرنار تائين بہ ويو، جتان موٽندي، جيسلمير ۽ ٿر جو سير ڪيائين، انهن کان پوءِ گنجي ٽڪر ۽ لس ٻيلي جي سرحد وارن جبلن ۾ گشت ڪندي: لاهوت، لامڪان، هنگلاج ۽ سپڙ سخيءَ جون زيارتون ڪيائين، ۽ شڪ نہ آهي تہ اتان ئي ڪابل ۽ قنڌار ڏي بہ ويو، جتان موٽندي ٻيو دفعو هنگلاج ۾ آيو. "

مطلب تہ شاهہ صاحب هنگلاج کان وٺي سامونڊي بندرن سوڌو ٿر ملڪ ۽ گرنار جو سير ڪيو. هُن اتر سنڌ جو بہ سير ڪيو هو، جو سندس تڪيو شڪار پور جي طرف نوشهري ابڙي ۽ ترائي ابڙي جي پاسي موجود آهي. هُن تمام گهڻي ويچار ۽

Gul Hayat Institute

غور سان غريبن ۽ مسڪينن جي رهڻي ڪهڻي ڪي بہ ڏٺو، جنهن ڪري سندس همدردي، اميرن کان وڌيڪ مسڪين مارن سان ٿي:

ڏونگرين ڏسجَن، اَڄ پُڻ ريون اُن جيوُن،
ڏو تِيئڙا ڏُٽَ ڪي، اَنُ آڻئي نہ اَچَنِ،
خِيما ڪاهوڙِيَنِ، اَڄُ نہ اُنِهين پيٽِين.

شادي ۽ پٽ جي آبادي

ڪوٽڙي مغل ۾، جتي پٽ وسائڻ کان اڳ ۾ شاهہ صاحب جن جو گهر هو، اُتي مرزا مغل بيگ نالي هڪ شاهوڪار ماڻهو رهندو هو. هڪڙي ڏينهن اوچتو، هُن جي گهر تي ڌاڙيلن حملو ڪيو. ڌاڙيلن سان مقابلو ڪندي مرزا مغل بيگ پنهنجن عزيزن سميت مارجي ويو. پويان گهر ۾، مرزا مغل بيگ جي ڪراڙي بيوه ۽ هڪڙي جوان ڌيءُ وڃي رهيون. سندن گهر جو سمورو الهہ تلهہ بہ ڌاڙيل ڀهاري کڻي ويا.

مرزا مغل جي قتل ڪانپوءِ شاهہ حبيب کي هِن جي اجاڙيل گهر تي ڏاڍو ترس ايندو هو، انڪري شاهہ صاحب، مرزا مغل بيگ جي بيوه زال جي اصرار تي سندس نياڻي پنهنجي لائق فرزند شاهہ عبداللطيف جي نڪاح ۾ آندي. هن شاديءَ جي ڪري مرزا مغل بيگ جي هن ويران گهر ۾ ڪجهہ سڪون موٽي آيو.

شاديءَ ڪانپوءِ سَتت ئي شاهہ عبداللطيف پٽ تي لڏي آيو، جتي هميشہ لاءِ رهائش اختيار ڪيائين. هيءَ اها پٽ آهي، جتان

Gul Hayat Institute

علم، سچائي، انسانيت سان پيار ڪرڻ ۽ لاچار انسان سان مدد ڪرڻ جي هدايت جا ڪرٽا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا.

شاهہ عبداللطيف جو فڪر

وحدانيت جي واکاڻ ۽ رسالت سان محبت

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جن نہ رڳو ڪفر ۽ شرڪ کان پرهيز ڪندا هئا، پر ان جي خلاف جهاد بہ ڪيائون. شاهہ صاحب جو ڪلام اسان وٽ ان ڳالهہ جو مڪمل دليل آهي، تہ شاهہ سائين توحيد جي تعليم جا پرچارڪ هئا ۽ پنهنجي مريدن يا طالبن کي توحيد جي هدايت ڪندا هئا. هيٺين بيت ۾ شاهہ صاحب توحيد جي تعليم هن طرح ڏئي ٿو:

وَحدهٗ لاشَرِيڪ لَہٗ، اِيُ هيڪڙائي حقُ،

ٻئائي کي ٻکُ، جن وڌوسي وِرسئا.

شاهہ سائين جن فرمائن ٿا تہ هن جهان جو خالق هڪڙو ئي الله تعاليٰ آهي. ان جو ڪو بہ شريڪ ڪونهي، ليڪن اهو ياد رکڻ گهرجي تہ جنهن بہ ماڻهوءَ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيو، يا اهو محسوس ڪيو تہ الله تعاليٰ جهڙي ٻيو بہ ڪو طاقت رکي ٿو، يعني ڪو پير يا مير 'پُٽَ' دولت 'کير مکڻ' ڏئي سگهي ٿو، يا قسمت کي بنائي ۽ بگاڙي سگهي ٿو، يقين ڪيو تہ اهڙي

Gul Hayat Institute

ماٺوءَ پاڻ سان ظلم ڪيو. سر ڪلياڻ جي هڪڙي ٻئي بيت ۾ شاهه صاحب توحيد ۽ رسالت جي سڃاڻپ هن طرح ڪرائي ٿو:

وَحدَهٗ لاشَرِيڪَ لَهٗ، جان ٿو چَئين ايئن،
تان مَڃ مُحَمدُ ڪارڻي، نِر تئون مَنجهان نِيهٗ،
تان ٿُونَ وَڃِئو ڪِيئَن، نايِنِ سِرِ بِيَنِ ڪي.

هن بيت ۾ ڪل ٽي بند آهن: پهرين بند ۾ انسان جو خدا جي وحدانيت ڏانهن ڌيان ڇڪايل آهي. ٻئي بند ۾ رسالت ۾ ايمان آڻڻ جي هدايت ڪيل آهي ۽ ٽئين بند ۾ شرڪ کان سختيءَ سان منع ڪيل آهي. هن بيت جو پوريءَ طرح مفهوم واضح هن طرح ٿيندو، ته اهو مسلمان، جيڪو الله تعاليٰ جي ذات ۾ ايمان ته رکي ٿو، مگر اندر ۾ ڪجهه وسوسن ۽ بگڙيل خيالن جو شڪار به آهي. اهڙي ڪمزور خيالن واري انسان کي شاهه صاحب هدايت ٿو ڪري ته جيڪڏهن "الله پاڪ جي ذات ۾ يقين ٿو رکين ته پوءِ رسالت مآب حضور اڪرم صلعم جن جي تعليم تي به يقين رک." حضور اڪرم صلعم جن سان شاهه عبداللطيف کي نه رڳو عقيدت هئي، بلڪ ساڻس عشق به هيو، جنهن ڪري شاهه صاحب هن بيت ۾ اها تلقين ڪئي آهي ته " حضور اڪرم صلعم جي دين اسلام ۾ رڳو عقيدو ڪافي نه آهي، پر سندن ذات سان محبت به ضروري آهي." بيت جي آخري بند ۾ واضح ڪيل آهي ته " اهو انسان، جيڪو الله ۽ سندس

Gul Hayat Institute

رسول جي دين ۾ ايمان رکي ٿو، ان کي ٻين قوتن جي اڳيان هرگزنمڻ نہ گهرجي، پر جيڪڏهن خدا جي ذات پاڪ کي ڇڏي ۽ ٻين پيرن فقيرن کي وسيلو ٿو سمجهي، تہ اهو دين ۾ شرڪ آهي، جو خدا کي پسند نہ آهي. شاھ صاحب جو سمورو سر ڪلياڻ توحيد جي تعليم جو مثال آهي.

شاھ صاحب جي سموري ڪلام تي ويچار ڪبو، تہ اُهو محض اهڙو راڳ نظر نہ ايندو، جنهن کي سازن جي مدد سان جيڪڏهن ڳايو وڃي تہ ان مان انسان جي نفسياتي خواهشن کي سرور حاصل ٿيندو هجي، يا ذهن ۾ شيطاني خيال اپرندا هجن، بلڪ شاھ جو راڳ، جنهن کي ” شاھ جو ڪلام “ جي نالي سڏيو ويندو آهي، ڪهڙيءَ طرح بہ پڙهيو يا ڳايو وڃي، تہ ان جي ٻڌڻ سان اهو سرور حاصل ٿيندو، جنهن کي روحاني يا دلي سڪون چئبو آهي. انڪري شاھ جو ڪلام ذهني عياشيءَ جو قطعي حامل نہ آهي، بلڪ هيءُ وحدة جي تند تنواريل آهي، جنهن مان انسان جو ذهن ۽ ڪردار سُڌرَندا آهن.

هيٺيون بيت شاھ صاحب جي وحدة الوجود جي تعليم جي مڪمل عڪاسي ٿو ڪري، فرمائين ٿا:

پاڻهِ جل جلالهٗ، پاڻهِ جان جمال،
پاڻهِ صورت پري جي، پاڻهِ حسن ڪمال،
پاڻهِ پير مريد ٿئي، پاڻهِ پاڻ خيال،
سڀ سڃوئي حال، منجهائي معلوم ٿئي.

Gul Hayat Institute

هن بيت جي حوالي سان شاهہ صاحب جي تعليم کي جاچي ڏسنداسون تہ اسان کي مڪمل وحدانيت جو پرچارڪ نظر ايندو. هن بيت ۾ پاڻ فرمائين ٿا تہ: "هن ڪائنات ۾ هيو ڪو بہ اهڙي قوت جو مالڪ ڪونهي، جيڪو جهان کي پيدا ڪري سگهندو هجي، ان ڪانسواءِ هيءَ سموري ڪائنات ۽ منجهس سڀ شيون ۽ چمڪندڙ ستارا ۽ انهن جو حسن، انهن جي بقا، ڪائنات ۾ محبت ۽ محبت مان اجاگر ٿيندڙ صداقت سڀ خدا جي وجود جا مظهر آهن" مطلب تہ هن ڪائنات ۾ جو ڪجهہ موجود آهي، اهو خداتعاليٰ جي ذات پاڪ جو ثبوت آهي ۽ هر طرف سندس ئي جلوو آهي. سندس ذات ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪائنات ۾ ڪونهي.

مطلب تہ شاهہ عبداللطيف جو سمورو ڪلام الله تعاليٰ جي ذات پاڪ جي تشريح ۽ دين اسلام ۽ انساني قدرن جو تفسير آهي، جيڪو انسان ذات لاءِ رهنمائي ۽ هدايت جو حامل آهي.

هيٺيون بيت شاهہ صاحب جي " وحدة الوجود " جي نظرئي جي وڌيڪ تائيد ٿو ڪري، جنهن ۾ وحدت ۽ ڪثرت جي فلسفي کي بيان ڪيو اٿس:

وَحدَت تان ڪثرت ٿِي، ڪَثرتَ وحدتَ ڪُلَ،
حَق حَقيِقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ ڀُلَ،
هـُو هـُلا چو هُل، بالله سُنـدو سَڄڻين.

Gul Hayat Institute

انسان دوستي ۽ رواداري

شاهه صاحب جي وقت ۾ سنڌ اندر مذهبي ڍانچي جي حڪومت هئي. ڪلهوڙا حاڪم پيري- مريدي جي روپ ۾ حڪومت ڪندا هئا. سنڌن حڪومت جي نظام کي هلائڻ وارا عالم سڳورا هوندا هئا، جن جو دين اسلام سان واسطو هوندو هو. وقت جا حاڪم ڪين وظيفا ۽ پڳهارون به ڏيندا هئا. جيتوڻيڪ انهن عالمن سڳورن ۾ اڪثريت تمام ڀلن عالمن جي هوندي هئي، پر ڪي اهڙا عالم سڳورا به هوندا هئا، جيڪي مذهبي معاملي ۾ سخت گير پاليسي رکندا هئا. انهيءَ ڪري عالم سڳورا به ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا. هو پاڻ ۾ به سخت اختلاف رکندا هئا. ٻئي طرف سنڌ ۾ هندو مذهب جي مڃڻ وارن جي به وڏي حيثيت هوندي هئي. واپار، تجارت، لکپڙهه ۽ منشيگيري هندن جي هٿ ۾ هوندي هئي. ان ڪانسواءِ شهري زندگيءَ کي بنائڻ يا بگاڙڻ ۾ هندن جو وڏو هٿ هوندو هيو. انهي ڪري هندن جهڙي قوت کي هٿ وس ڪرڻ يا قانون جو پابند بنائڻ به چڱو خاصو مشڪل مسئلو هو. گهڻ ۾ گهڻ اهي اُلجهيل معاملا ڪلهوڙن جي سياسي بصيرت کان ته مٿي هئا. پر اهو سچ آهي ته اهي حالتون رڳو ڪلهوڙن جون پيدا ڪيل ڪون هيون. انهن حالتن کي ايرندي سوين سال ٿيا هئا. ارغون (1520ع) ۽ مغل (1592ع) انهن حالتن جا اصل ذميوار هئا.

Gul Hayat Institute

ارغون ۽ مغل ڌاريا هئا.

جيڪڏهن ملڪ اندر ٻن مذهبن جي وچ ۾ نفرت پيدا ٿي يا زمينون غيرآباد ٿيون يا ملڪ جو امن پسند طبقو ڌاڙيلن جو شڪار ٿيو، تہ ان ۾ ڌارين ماڻهن جو ڪهڙو هڏ سور ڪندو ؟ هو پاڻ ئي بي رحم، حملي آور ۽ ڌاڙيلن کان گهٽ ڪو نہ هئا، انڪري ملڪ ۾ بدنظمي ۽ فساد انهن ڌارين جي دور جو قائم ڪيل هو، پر ڪلهوڙن جي وقت ۾ اهي حالتون ويون پٽجي وڃنديون. هارين کي زمينن مان بي دخل ڪرڻ يا ڪنهن هندوءَ کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ، روزمره جا واقعا هئا، جيڪي شاهہ صاحب کان ڳجها ڪو نہ هئا. پر هڪڙي ڳالهہ ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجي تہ شاهہ صاحب نہ تہ حڪومت کان وظيفو وٺندڙ ڪارندو هيو، جو هو مداخلت ڪري ۽ سندس مداخلت کي قبول ڪيو وڃي، ۽ نہ ئي ڪو باغيانہ ذهن جو مالڪ هو، جو بغاوت جو جهنڊو کڻي ٻاهر نڪري پوي. شاهہ صاحب هڪ مخلص انسان، ملڪ ۽ رعيت جو خيرخواهہ ضرور هيو، پر هو تشدّد ۽ ظلم جي خلاف هو. اها پڪي شاهدي ملي ٿي تہ سماج ۾ اهڙا عمل، جيڪي دين – اسلام خواهہ انسانيت يا ڪنهن ٻئي ڀلائيءَ واري نظرئي جي خلاف هئا، هن انهن جي خلاف ضرور ڳالهايو آهي. جيئن هن بيت ۾ فرمائي ٿو:

Gul Hayat Institute

ان پر نہ ايمان، جنءَ ڪلمي گوڪونائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر ۾ آذر آهين.

تاريخ ۾، شاهہ صاحب جي دور جو هڪ واقعو بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو دين اسلام يا انساني رواداريءَ جي خلاف هيو. شاهہ صاحب ان کي روڪڻ لاءِ مداخلت ڪئي آهي. واقعو هي آهي تہ: ” مٽيارين جي ڪنهن هندوءَ ڪان ڪو اهڙو لفظ واتان نڪري ويو، جيڪو قانوني طرح هندن کي چوٽوئي نہ هيو، انڪري هنکي مسلمان بنائڻ ضروري ٿي پيو. اهو معاملو سيد شهمير شاهہ جي آڏو پيش ٿيو، جيڪو مٽيارين جو مفتي هو. سيد صاحب تحقيقات ڪرائي، حڪم ڏنو تہ هن کي مسلمان بڻايو وڃي، مگر هندو چوي تہ: ” منهنجي دل مسلمان ڪا نہ ٿي ٿئي، ۽ اهو اکر تہ مونکان يل ۾ اچار جي ويو آهي“ ان موقعي تي ماڻهن جا انبوه ڪٺي ٿي ويا، واڻيو رڙيون ڪندو رهيو، تہ ايتري ۾ شاهہ صاحب اچي اتان لانگهائو ٿيو. خلق جو گوڙ شور ڏسي پڇڻ لڳو تہ هي ڇا پيو ٿئي؟ ڪيس سموري ڳالهہ ٻڌائي وئي. جنهن تي پاڻ ماڻهن جي ميڙ ڏي اندر لنگهي آيو: ڏسي تہ ماڻهو واڻيي کي ويڙهيو بيٺا آهن ۽ ڪيس زوريءَ مسلمان بڻائي رهيا آهن، جنهن تي شاهہ صاحب کي هن ويچاري هندوءَ تي رحم آيو ۽ منيان بہ لڳس، سيد شهمير کي چيائين تہ ” هي ڇا ڪري رهيا آهيو، ڪنهن ماڻهوءَ کي موچڙن

Gul Hayat Institute

سان بہ دين تي آڻيو آهي ڇا "؟ ايئن چئي واڻيي کي گوڙ مان ٻاهر ڪڍي آيو. پوءِ اهو واڻيو شاهہ صاحب جو ڏاڍو ٿورائتو ٿي پيو ۽ سندس مريد ٿيو."

در اصل اهو هڪ مثال آهي، نہ تہ ڪيئي اهڙا ٻيا واقعا بہ رونما ٿيا هوندا، جن لاءِ شاهہ صاحب انسانيت جي قدرن کي آڏو رکي، انهن خلاف جدوجهد ضرور ڪئي هوندي. شاهہ صاحب ان نظريي جو هيو تہ ڪنهن بہ انسان کي ايئن نہ سمجهجي تہ اهو خراب آهي، انڪري هن کي پنهنجي دين تي آڻجي يا ڪيس ماري وجهجي. شاهہ صاحب اسان کي تلقين ٿو ڪري تہ هر هڪ انسان الله تعالىٰ جي تخليق آهي، ۽ اهو بہ اهڙوئي آهي، جهڙو انسان پاڻ آهي، ٻئي کي مارڻ، معنيٰ پنهنجي تباهي آڻڻ جي برابر آهي. جيئن فرمائي ٿو:

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مارم مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي!.

ٻڌي ۽ ايڪو

ارغونن کان وٺي، شاهہ صاحب جي حياتيءَ واري دؤر تائين يعني اندازاً اڍائي سو ورهيہ سنڌ ڏاڍا سور ۽ ڏکڙا ڏٺا. ڌارين حون ارڏايون، وحشي ڪردار ۽ ٻن ويڙهائڻ واري پاليسيءَ سنڌ جي رهواسين ۾ جيڪا مذهبي نفرت، سماجي ڇڪتاڻ ۽ احساس محروميءَ واري صورت پيدا ڪئي، اُها آسانيءَ سان تہ

Gul Hayat Institute

ختم ٿيڻ واري ڪانه هئي. ان جي بري اثرن کي ختم ڪرڻ ۽ ڀائيچاري واري فضا پيدا ڪرڻ لاءِ اعليٰ انسانن ۽ مخلص ذهنن جي گڏيل ڪوششن جي سخت ضرورت هئي. سنڌ ۾ تصوف جي مختلف سلسلن جي جدو جهد جو، جيڪڏهن مطالعو ڪبو ته بخوبي معلوم ٿيندو ته اسان جي صوفي عالمن ان سلسلي ۾ وڏو جهاد ڪيو آهي. انهن مڙني ۾ اسان جو صوفي بزرگ شاهه عبداللطيف ڀٽائي سڀني کان اڳڀرو هو. هن مختلف مثالن سان سنڌ واسين کي پاڻ ۾ ايڪي ۽ اتحاد قائم ڪرڻ جي هميشه پٺي هدايت ڪئي آهي. سندس هيٺيون بيت ان ڳالهه جي يقيني شهادت پيش ٿو ڪري:

ولر ڪئو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئا ميٺ گهڻو.

شاهه صاحب سنياسين ۽ جوڳين سان گڏجي هندن جي مختلف تيرٿن تي وڃي سندن اندر جي احساسن ۽ دل جي جذبن کي مڪمل پڙهيو، پُر جهيو ڪيس معلوم ٿيو ته سنڌ جي ماڻهن جو پيل ته مذهب الڳ هجي، سياسي سوچن ۾ ڪيترو به فرق ڇو نه هجي، پر هو متحد ٿي سگهن ٿا.

شاهه صاحب جي حقيقت شناسي ۽ انسان دوستيءَ جو ثبوت انهيءَ مان ئي ملي سگهي ٿو، ته هن وٽ ڪٽر پڻو ڪو نه هيو. هو صاف دل صوفي بزرگ هو، وٽس ملڪي اتحاد ۽ انساني ڀائيچاري واري فضا پيدا ڪرڻ وڏيڪ اهميت وارو عمل هيو،

Gul Hayat Institute

بنسبت مذهبي نفرت پيدا ڪرڻ جي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ نفرت جي ڪري انساني جانيون ضايع ٿي سگهن پيون، پر اتحاد سان انساني جانين جي قتل ٿيڻ جو امڪان گهٽ هيو. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب، پنهنجي ڪلام ۾ مکڻ ۽ ماکيءَ جي انهيءَ حد تائين پالوٿ ڪري ڇڏي جو ترشي ۽ تلخيءَ، جو جيڪوذائقو غير مسلمان پنهنجي هم وطن ڀائرن هٿان چکي چڪا هئا، اهو يڪ لخت مٺ ۽ ميناج ۾ بدلجي ويو. شاهہ صاحب جي اهڙي ڪوشش جو اعتراف ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ بہ ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

” اگرچ شاهہ صاحب شريعت جو پورو پابند هو، تڏهن بہ مذهبي ڳالهين ۾ نهايت آزاد خيال هو. هو چاهيندو هو تہ هر هڪ انسان لاءِ مذهبي آزادگي ضروري آهي، خواهہ هندو هجي، يا مسلمان، خواهہ يهودي هجي يا ڪرستان، مگر سڀ ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي مذهب جي اصولن جي پوريءَ طرح تڪميل ڪرڻ گهرجي. هو سڪتي ايمان رکڻ کان زياده زور عمل تي ڏيندو هو.“

Gul Hayat Institute

شاهہ صاحب جي واقعي اها ڪمال دانائي آهي، جو هندن منجهان اهو خوف، اها نفرت ويندي رهي، جيڪا منجهن گذريل اڍائي سؤ سالن جي عرصي ۾ پيدا ٿي هئي، انڪري هندن شاهہ صاحب جي ڪلام کي پنهنجو سمجهي، ان کي

پڙهيو، ان تي وڏيڪ تحقيق ڪيائون. ان ڪانسواءِ سنڌ جي تمدني ۽ ثقافتي ورثي کي پنهنجو ڄاڻي ان لاءِ بہ هنن پاڻ پتوڙيو. ان لاءِ هي ليکڪ مشهور آهن، جن شاهہ صاحب جي ڪلام ۽ زندگيءَ تي مسلمانن وانگر تحقيق ڪئي ۽ لکيو:

مسٽر تارا چند: هن شاهہ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو.

ليلارام وطنمل: هن 1889ع ۾ شاهہ جي شاعري ۽ زندگي تي ڪتاب لکيو.

ڄيٺمل پرسرام: هن 1915ع ۾ شاهہ جي حياتيءَ تي ڪتاب لکيو ۽ ان کان سواءِ شاهہ جي آکاڻين کي مرتب ڪيائين.

ڊاڪٽر گربخشاڻي: هي پهريون محقق هيو، جنهن 1923ع ۾ جديد تحقيق جي انداز سان شاهہ جو رسالو مرتب ڪيو، ۽ ان جي شرح لکيائين،

ڀيرومل: هن لطيفي سئر ۽ غريب اللغات لکيا.

لال چندامر ڏنو مل: شاهاڻو شاهہ لکيو. ورهاڱي کان بعد بہ هندن جيڪو سنڌي زبان ۽ شاهہ صاحب جي ڪلام تي ڪم ڪيو.

اهو پڌائي ٿو تہ شاهہ صاحب سنڌين کي متحد ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي هئي، اها بر ثواب ٿي– ۽ اڄ جي دور ۾ بہ جيڪڏهن هندو ليکڪن کي ڏسبو تہ هو سنڌي مسلمانن کي پنهنجو سڄڻ سمجهن ٿا. محض انڪري، جو اهو احساس کين لطيف سائينءَ ۽ ٻين بزرگ صوفي شاعرن ڏنو هو.

Gul Hayat Institute

مطلب تہ سنڌ جي هن صوفي عالم جيڪا انسان ذات جي اتحاد جي ڪوشش ڪئي، اهڙي ڪوشش جو مثال برصغير جي ٻئي ڪنهن بہ صوفي عالم ۾ ملڻ ڏکيو آهي.

هندن ۽ مسلمانن جي اتحاد جي ڪوشش جو اقرار هڪ ٻئي هندو ليکڪ بہ ڪيو آهي، ۽ اهو آهي ملڪاڻي. هو لکي ٿو تہ

"شاهہ صاحب مسلمانن ۽ هندن جي فرق کي گهٽائڻ
جا ڳهٽيئي جتن ڪيا ۽ سر رامڪلي ان جو شاهد آهي"

شاهہ صاحب جي هيٺينءَ وائيءَ جون سٽون بہ ان جي گواهي ڏين ٿيون، تہ لطيف سائين نفاق جي سخت خلاف هو.

نالو ناهِ نفاق جو، جتي ربّ جليل،
مُنَ ۾ مسلمان ٿون، قلب ۾ قليل،
واليءَ جي وصال ۾، دوئي ناهہ دليل.

وطن سان محبت

شاهہ صاحب جيتري الله تعاليٰ سان محبت ڪرڻ جي هدايت ٿو ڪري، ايتري ئي الله تعاليٰ جي پيغمبرن، نيڪ انسانن جي عزت ڪرڻ جو تاڪيد ٿو ڪري. لطيف سائينءَ جي ڪلام جو مول مقصد آهي: انسان ذات سان پيار ڪرڻ. مگر، جيترو انسان کي عزت جي لائق ٿو سمجهي، ايتروئي پنهنجي وطن جي مٽيءَ کي پاڪ ۽ پوتر ٿو ڄاڻي. سر مارئيءَ سندس انهيءَ جذبات جي شهادت ٿو پيش ڪري. هن سر ۾ مارئيءَ جي

Gul Hayat Institute

روپ ۾ شاھ صاحب جو وطن جي ھر وٿ سان سندس عشق جو اظھار ٿئي ٿو. وطن جو ذرو ذرو، وڻ ۽ ٻوٽا، جبل ۽ پهاڙ، پٽون ۽ پاڻ، لڪ ۽ لڪيون، نديون ۽ درياھ، واھڙ ۽ ڪسيون، ڏڻ ۽ ڏراڙ، پکي ۽ پسون، مطلب وطن جي ھر شيءِ لطيف سائين جي پاڪ جذبات سان جرڪندي نظر اچي ٿي.

جنھن بہ انسان کي پنھنجو وطن آھي ۽ ٿوري بہ منجھس غيرت آھي تہ کيس وطن جي ھر شيءِ سھڻي، سندر ۽ محبت ڪرڻ جي لائق نظر ايندي. ھينئين بيت ۾ وطن لاءِ مارئيءَ جي اندر جي جذبات جو نقش ھن طرح ڪڍيو اٿس.

ويندي‌س وطن سامھين، ملير منھنجو ماڳ،
ڏٿ چوندي‌س ڏيھ ۾، ساڻ سرتين ساڳ،
تہ مون سئون سياڳ، جي ويجھي ٿيان ورڪي.

ھيءُ جذبو مارئيءَ جو آھي، لفظ ۽ انھن جي سٽاءُ لطيف جي آھي. مگر وطن ٻنھي جو ساڳيو آھي. بيت تي ھڪ ڀيرو وري نظر ڪريو! جڏھن چوي ٿي مارئي "ملير منھنجو ماڳ!" لفظن جي اچارڻ ۾، ڳالھ ٻڌڻ ۾ ھڪ لطف آھي، ھڪ سنديش آھي، ھڪ پيغام آھي- ھڪ خوشي آھي، جاذبيت آھي ۽ فخر آھي. مارئيءَ جي وطن ۾ مندر ھئا، مسجدون ھيون، عبادت جون جايون ھيون، پر انھن سيني مان ڪنھن جي بہ ڳالھ نہ مارئي ٿي ڪري ۽ نہ لطيف. چو تہ وطن ھوندو تہ ان ۾ مندر ۽ مسجدون، عبادت جون جايون بہ جوڙي سگھبيون، پر جي

Gul Hayat Institute

وطن نہ هوندو تہ پوءِ اهي ڪٿي جڙنديون ؟ ٻئي ڳالهہ ٿا ڪن ٿر جي مٿيءَ جي- ڏٿ جي- ۽ ساٿيهہ جي سنگت ۽ مسڪين ماروئڙن جي- ڪيڏي نہ پاڪائي آهي پنهنجي وطن واسين جي ياد ۾ ! مارئيءَ جي وطن ۾ ڇا هيو ؟ جنهن لاءِ هوءَ ايترو پريشان آهي. لطيف سائين ٻڌائي ٿو:

وطن، وَسَ، وسنديون، هينئڙي نت هُري،

اندر ڇت ڇري، وره ويڙيچن جو.

هن بيت ۾ شاهہ صاحب واضح ٿو ڪري تہ هڪ وطن ۽ ٻيو وسوڳ، ٽيون وسنديون- يعني پاڳين جا پانڌ- جن جي ڪري مارئيءَ جو وطن آباد هوندو هو. اهي ڪيس اندر ۾ هُرن ٿا- مارئيءَ کي اندر ۾ اڻ تڻ لايون بيٺا آهن- ۽ انهن جي ڪري هن کي 'ويڙهيچن' جو وڇوڙو پريشان ٿو ڪري.

شاهہ صاحب جي 'ڪوتڙي مغل ۽ پٽ' مغلن ۽ ڪلهوڙن جي حاڪميت هيٺ هئا. جڏهن شاهہ صاحب مارئيءَ جو آزاد وطن ڏٺو تہ کيس بہ احساس اُڀريو تہ واقعي وطن تہ ان کي چئبو آهي، جيڪو آزاد هجي، مارئيءَ جو وطن تہ واقعي آزاد هو، جنهن ۾ !

نہ ڪا جهل نہ پل، ڪور، تر ڏيہ ۾،

اَٿيو وڃهن اهرين، روڙيو رتا گل،

مارو پاڻ اَمُلَ، مليرون مرڪٿون.

هن بيت مان قطعي ثابت ٿو ٿئي تہ لطيف سائينءَ کي مارئيءَ جي وطن يعني ملير لاءِ حسرت ٿي آهي ، تہ سندس ڳوٺ ۽

Gul Hayat Institute

وستيون، وڻاڻ، درياهہ ۽ ٻيلا بہ آزاد هجن! هر انسان پنهنجي وطن يا ساٿيهہ جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ وطن انسان جي وجود لاءِ پناهہ گاهہ آهي، تحفظ آهي ۽ فخر آهي، جنهن قوم کي وطن نہ آهي، اها قوم ئي نہ آهي. وطن هر قوم جي سڃاڻپ آهي. سر مارئيءَ ۾ شاهہ صاحب اسان کي هدايت ٿو ڪري تہ پنهنجي وطن سان پيار ڪيو، محبت ڪيو ۽ ان سان عقيدت رکو:

واجهائي وطن کي، ساري ساهہُ ڏيان ،
هيءُ سِرُ سانڍية سامهون، منهنجو نہ ميان !
مُقاميءَ مارئين، ويجي ترتيان !،
ميائي جيان، جي ويجي مڙهہ ملير ڏي.

وڏن جو ادب

شاهہ صاحب جي وقت ۾ تعليم جو نظام ڪجهہ اهڙي قسم جو هيو، تہ تعليم مڪتب سان گڏ گهر ۾ بہ ڏني ويندي هئي. سرنديءَ وارا ماٺهو ڳوٺ جي مسجد ۾ ڪو آخوند سڳورو ويهاريندا هئا، جيڪو ٻارن کي ديني تعليم سان گڏ، زبان، تاريخ، منطق ۽ فلسفي جي تعليم ڏيندو هو. مگر ان کان وڌيڪ سنڌ جي تعليمي نصاب ۾ جنهن مضمون کي اوليت ڏني ويندي هئي: اهو هيو وڏن جو ادب، ۽ پنهنجن ريتن رسمن جو قدر ڪرڻ. سياويڪ اهڙي تعليمي نصاب ۾ ڪاميابي بہ

Gul Hayat Institute

اهوئي شاگرد حاصل ڪري سگهندو هو، جنهن جي گهر ۾ سٺو تعليمي ماحول موجود هوندو هو. شاهه صاحب جا وڏا پڙهيل ۽ وقت جا عالم هئا، سندن گهر ۾ عالمانه ماحول هو، جنهن ڪري شاهه صاحب کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملي وئي.

شاهه صاحب جي اهائي گهرو تعليم هئي، جنهن کيس معرفت جو صاحب بنايو. هن معرفت جي مٿيادار شخص کي پنهنجي والد بزرگوار جو تمام گهڻو احترام هوندو هو. پٽ تي پوريءَ طرح سڪونت اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي والد صاحب لاءِ حويليءَ ۾ الڳ جڳهه تعمير ڪرايائين، جيڪا هن وقت سندن روضي جي اتر طرف کان موجود آهي.

مختلف شاهدين ۽ تاڻن مان پتو ملي ٿو ته شاهه صاحب کي پنهنجي وڏڙن جو تمام گهڻو قدر ۽ عزت هوندي هئي. هن شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو قبو، ڏاڍي محنت سان تعمير ڪرايو، عام روايت آهي، ته هن مقبري لاءِ شاهه صاحب سرون ملتان مان آنديون هيون. ان ڪانسواءِ سيد جمال شاهه ۽ پنهنجي والد بزرگوار جو مقبرو به پاڻ ٺهرايائون. سندن والد شاهه حبيب جڏهن آخري عمر ۾ بيمار ٿي پيو، ته شاهه صاحب سندس تيمار داري پاڻ ڪندو هو ۽ دارو درمل پنهنجن هٿن سان پاڻ والد صاحب کي پياريندو هو، ۽ وڏي شاهه جي صحت ۽ عافيت لاءِ دعا گهرندو هو. شاهه صاحب پنهنجي والد جي علاج

Gul Hayat Institute

لاءِ تمام وڏا ۽ ڄاڻو طبيب بہ گهرايا. مگر ڪو وقت اهڙو بہ آيو، جو ڪين فرق نہ ڪيو. ۽ اهڙي وقت ۾ شاهہ حبيب ورندي ڏيڻ کان قاصر ٿي پيو. شاهہ لطيف انهيءَ غم جي حالت ۾ جڏهن حويليءَ کان ٻاهر آيو ۽ فقيرن پڇيس تہ هي بيت پڙهايائين:

اوتي ابهرا ٿيا، بيٺا تنگ ڪشين،
ڪڇن پڇن ڪين ڪي، ورندي وات نہ ڏين،
لاڪيٺا لطيف چي، ٿا منجهئون لوڪ لڏين،
نيڻ نماڻا ڪٽيو، هنجهون ٿا هارين،
سي جنگ جواب نہ ڏين، ڪنهن ڏاڍي ڪيف ڪڪورئا.

مطلب تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، جيترو وڏو ماڻهو هيو، اوتروئي وڏن ۽ بزرگن جي عزت ڪندو هو، پاڻ اپو جهہ هارين ۽ ڏنارن سان ويهي ڪچهريون ڪندو هو. حالانڪ انهيءَ دور ۾ وڏا ماڻهو، مسڪين ماڻهن جي ير سان وهڻ ۾ بہ عيب سمجهندا هئا.

چڱن ۽ نيڪ ماڻهن لاءِ عزت

شاهہ صاحب جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان اهو يقين ٿيندو تہ سندس ڪلام ۾ انسان ذات لاءِ محبت، وڏن جو ادب، ڪمزور ۽ لاچار انسانن لاءِ همدردي، چڱن ۽ لائق انسانن لاءِ وٽس وڏي عزت هوندي هئي.

سمن جي دور حڪومت ۾ ڄادم ڄڪرو سنڌ جو هڪ سخي

Gul Hayat Institute

حاڪم ٿي گذريو آهي. وٽائنس ڪڏهن بہ سوالي خالي نہ موٽيو. هو لس ٻيلي ۽ ڪاڇي جو حاڪم هو. جڏهن شاهہ صاحب لس ٻيلي جي سئر دوران سندس تعريف ٻڌي ۽ سندس رعيت کان اهڙي تصديق مليس تہ ان کي دعا ڪندي چيائين:

جکرا ! جيئن شال، تنهنجو ڪنين مدو مَ سڻان،
جيئن تو اچي ڪال، نالائق نوازئا.

دنيا ۾ هزارين سخي ٿي گذريا آهن، مگر راءِ ڏياچ جو مٽ اڄ تائين شايد پيدا ٿيو هجي! هُن سائل کان پنهنجو سر بہ نہ روڪيو هو. هن سخي مرد لاءِ تاريخن ۾ لکيل آهي تہ:

" راءِ ڏياچ گرنار جو حاڪم هو. " سندس پاڙيسري حاڪم- ' راجا انيراءِ ' سندس دشمن هو. هن کي معلوم ٿيو تہ راءِ ڏياچ راڳ ۽ ساز جو عاشق آهي، انڪري سندس دشمن چاڪيو، جو هڪڙي راڳائي جنهن جو نالو ' ٻيجل ' هو، ان کي پئسن جي لالچ ڏئي، چيائين تہ " جيڪڏهن 'راءِ ڏياچ ' جو سر وڍي کڻي آڻي ڏين تہ توکي انعام اڪرام ڏيندس " ، هن پئسن جي لالچ تي پنهنجو ساز کڻي، راءِ ڏياچ جي شهر ۾ ويو ۽ اتي ٻيهي وڄايائين ۽ راءِ ڏياچ کي ساز ڏاڍو وڻي ويو، تنهن ڪري ٻيجل کي چيائين، تہ " جيڪي گُهرڻو اٿئي گُهر! هي سخي- توکي ڏيندو " . ٻيجل ڏاڍو چالاڪ هو، تنهنڪري بادشاهہ کي چيائين تہ بادشاهي وعدو ڪيو متان جيڪي گُهران ۽ نہ ڏيو، تنهن تي حاڪم وعدو ڪيو، ۽ اڳيان حاڪم

Gul Hayat Institute

جيڪو وعدو ڪندا هئا، تہ اهو پورو ڪندا هئا، تنهنڪري هُن جو وعدو ڪرڻ ۽ ٻيجل جو سر گهرڻ. راجا وڏو سخي هيو- هن ٻيجل کي چيو " ڪجهہ ٻيو گهُر، مَٿو ڪو ٻڪري ڪوپڙي آهي، ان کي ڇا ڪندين ؟ " پر ٻيجل ضد ٻڌي بيهي رهيو ۽ نيٺ بادشاهہ پنهنجو مٿو يعني سر ڏنس. چيائين: " وڏ سر، تيءُ سرهو " . ٻيجل بادشاهہ جو سر ڪپي، پنهنجي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيو- ٻيجل جڏهن انعام جي لالچ ۾ انيراءِ وٽ پهتو تہ بادشاهہ اهو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو تہ ٻيجل اهڙي سخيءَ کي بہ قتل ڪري وڌو ۽ نہ مڙيو ! هن سوچيو تہ هيءُ تہ ڪو دل جو پليد ۽ قاتل ماڻهو آهي، انڪري کيس ڦاهو ڏئي ڇڏيائين.

" مَرَڪي مَرُ ماءُ، روڙي راءِ ڏياچ جي. "

هينئين بيت ۾ نوري مهاڻي جنهن جو وَرُ وقت جو حاڪم آهي، پر کيس ان ڳالهہ تي غرور ۽ تڪبر نہ آهي. هن کي پنهنجا مسڪين ٻيڪا بہ ياد آهن ۽ انهن جو بہ اونو آهي..هوءَ حاڪم کي التجا ڪندي چوي ٿي:

تون ٿماچي ترڙ ڏٽي، آئون گندري غريب،
تو سين جام ! قريب، ڪي ڏن ڇڏائي ڏيج مون.

مطلب تہ اهڙن انسانن جي ڪردار کي شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام جي زينت بنايو آهي، جيڪي قوم ۽ انسانيت جي آبياري ڪندڙ هئا ۽ جن جي ڪردار جو مثال ٻي دنيا ۾

Gul Hayat Institute

مشڪل سان نظر ايندو.

سماجي روايتن جو قدر

سنڌ جي سماجي قدرن ۽ ريتن رسمن جو لحاظ سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو لازمي جز رهيو آهي، جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي چوڻ موجب ته " شاهه لطيف وڏي اهميت ڏني. هن پنهنجي شاعريءَ جو تاڃي پيٽو سنڌ جي روايتن ۽ رسمن سان تيار ڪيو، ان ڪري سندس شاعري وڏي عزت ۽ احترام واري سمجهي ويجي ٿي."

مارئي هڪ خوبرو ۽ نوجوان ٿريچي ڇوڪري هئي. سندس حسن جي هاڪ ٻڌي عمر سومرو، جيڪو عمر ڪوٽ جو حاڪم هيو، تنهن هن نوجوان ٿريچڻ ڇوڪريءَ کي کوه تان پاڻي ڀريندي اغوا ڪيو هو. هن کي ڪوٽ ۾ پهچائڻ کان پوءِ عمر کيس سون، چاندي، بادشاهي طعامن، ويس وڳن ۽ هار- سينگار جون لالچون آڇيون، بلڪ سندس اڳيان آڻي پيش ڪيا. مگر مارئي، جيڪا ٿريچن وٽ روايتن ۽ قومي غيرت جي ڇانوَ ۾ پلي هئي، ان اهڙين سوغاتن کي وٺڻ کان قطعي انڪار ڪيو. شاهه صاحب، جنهن جي ڪلام جي سونهن ۽ ساڃاهه آهي ئي وطن جي وٽن سان پيار ۽ غريب عوام جي ريتن ۽ رسمن سان پريت، تنهن کي ته مارئيءَ جي سَتَ ڇڙ وڏو مواد مهيا ڪري ڏنو.

Gul Hayat Institute

شاهہ مارن جي ريت جو ذڪر مارئيءَ جي واتان هن طرح
ڪرائي ٿو:

اي نہ مارن ريت، جنءَ سيڻ مٽائن سون تي،
اڇي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان.

ڀهراڙيءَ جي روايتي زندگي بہ هڪ عجيب زندگي هوندي آهي. شاديءَ کان پوءِ زال پنهنجي مڙس سان بيحد وفادار رهي ٿي. شهري عورت وانگر هوءَ غير يقيني سوچ جو شڪار نٿي رهي، شاديءَ کان اڳ ۾ شهري ڪنوار جا وارث گهوٽ کان ڏنل شين جي هڪ ڊگهي لسٽ لکرائيندا آهن ۽ حق مهر لکن ۾. انڪري تہ مٽان گهوٽ هلندي” پاڃاريءَ مان ڏورڻو نہ ڪڍرائي وڃي“. پر ڀهراڙيءَ جي عورت کي پنهنجي وَرَ تي ۽ سندس وَرَ کي عورت جي خود اعتماديءَ واري فطرت تي ڀروسو هوندو آهي. در اصل اهو ڀروسو هڪ ڏينهن جي پيدائش نہ هوندو آهي. سماج جون ريتون ۽ رسمون هزارين سال ان باهمي ڀروسي جي پرورش ڪنديون آهن، تڏهن وڃي اهو ڀروسو پيدا ٿيندو آهي. جنهن جو ثبوت مارئيءَ هيئنءَ ڏنو آهي:

آئون ڪنءَ سوڙيِن سمهان، مون وَرُ گهاري وِل،
ڪٿيريَ تان ڪِلَ، عمر ! ڪج مَ ايهڙي !

يا

Gul Hayat Institute

آئون ڪِنءَ سوڙين سُمهان،؟ مون وَرُ گهاري سُج،
وَرُ اباڻن سين اُجَ، ڪوءِ شربتُ تنهنجو سومرا !

شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ سنڌ جون ريتون رسمون ۽ انهن جو قدر در اصل ايڏو ڏگهو موضوع آهي، جو ان تي الڳ ڪتاب جڙي سگهي ٿو. مٿي ٻه ٽي مثال ڏئي اهو واضح ڪيو ويو آهي ته شاهه عبداللطيف کي سنڌ جي سماجي روايتن لاءِ وڏي عزت ۽ احترام هيو.

ڳڻ ڳوت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ انسان کي هر هنڌ ۽ هر ڪنهن ڪم ۾ 'سوچڻ' ۽ 'ڳڻ ڳوت' ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. سهڻيءَ کي ميهار جي محبت متوالو ڪيو، ته هوءَ آڌيءَ جو گهڙي تي تري، درياهه پار ويجي ميهار سان ملاقات ڪندي هئي. شاهه صاحب کيس انهيءَ فطري حق کان ته ڪو نه ٿو روڪي. پر هوش مان نڪري وڃڻ کان کيس روڪي ٿو. سهڻيءَ کي هدايت ٿو ڪري، ته محبت ۾ به ڳڻ ڳوت ڪرڻ سٺو ڪم آهي. هوءَ بنا ڳڻ ڳوت جي تڙ تڪڙ ۾ گهڙو کڻي گهڙي پئي درياهه ۾، نتيجو اهو نڪتو جو پيلي گهڙي پاڻيءَ جو ڌڪ نه جهليو ۽ سهڻي نيٺ درياهه ۾ ٻڏي مري وئي.

سهڻيءَ جي انهيءَ اُبهرائيءَ ۽ جلد بازيءَ کي شاهه صاحب هن طرح پيش ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

ڪچو ڪان ڪنيار، اوڳي ! ڳنهو اٿيين،
ڪـ تو ڪنين نـ سئي، ڀيلي تي ڀلڪار،
لوڙهيان لڪ لطيف چي، ڪوڙيين ڪارونيار،
اڪارين آڌار، آران آڪي واريين.

درياهي علائقي جا ماڻهو عام طرح سيٽاهه يا تُرهي جي آڌار سان بـ درياهه تري هن پار ايندا ويندا آهن، پر جڏهن هو ترهو، مضبوطيءَ سان نـ ٻڌندا آهن، تـ پوءِ درياهه ۾ ٻڏي ويندا آهن، هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب اهڙي هر ماڻهوءَ کي درياهه ۾ گهڙڻ کان اڳـ۾ ’ تُرهو ‘ مضبوطيءَ سان ٻڌڻ جو تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

جان ڪي ڪنڌيءَ ڪانهن ، تان تاڻي ٻڌج ’ تُرهو ‘
هٿ پريان جي هٿ ۾ ، ٻي ڪي ڏج م ٻانهن،
سنـدي ڪپر دانهن، ڪـ تو ڪنين نـ سئي ؟

سامونڊي تاجر جڏهن ٻيڙا ڪاهي ٻين ملڪن ڏانهن ويندا هئا، تـ ان وقت هو پنهنجن ٻيڙن کي تيل مکي ۽ مڪمل طرح تيار ڪندا هئا. مگر اهڙا ٻيڙاءيائتا بـ هوندا هئا، جيڪي پنهنجن ٻيڙن جو خيال نـ ڪندا هئا. شاهه صاحب اهڙي ڪاهل ٻيڙيءَ واري کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

وڻجارا وينءِ، تو نـ سرنڌي شاهه ري،
مکِ پنهنجي مَڪڙِي، چڱي ڪري چيٺي،
پاسا پاڪڙين جا، سمنڊ تـو سيڪي،
جي لنڊا ۾ِ ليڪي، وير وڙهندي تن سين.

Gul Hayat Institute

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ " دوا " کان پرهيز وڌيڪ بهتر آهي. مريض ڪيتريون ئي دوائون کائيندو رهي، پر جيڪڏهن هو پرهيز نہ ڪندو، تہ مرض گهٽجڻ جي بجاءِ اجا بہ وڌندو. شاهہ صاحب هيٺين بيت ۾ اهڙي مريض کي سختيءَ سان بد-پرهيزيءَ کان روڪي ٿو:

هارئا ! توهري، ڪُپجُ ڪايا سين ڪئو،
ڪرين جي ڪِري، تہ تون توانو ٿيين.

اسان جو شاعر، جيڪو حڪمت جي اصولن کان بہ واقف هيو. پرهيز تي وڌيڪ زور ٿو ڏئي- ۽ اهائي پرهيز گاري آهي، جنهن مان اِڳتي هلي انسان ڳڻ ڳوت ڪندو آهي. بيشڪ، ڳڻ ڳوت نہ ڪندڙ انسان نقصان ۾ آهي.

شاهہ صاحب جو مشاهدو

عام ماڻهو روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪم سرانجام ڏئي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيترن ئي پيچرن، ماڳن ۽ مڪانن تان ڪيس گذرڻو بہ پوي ٿو. شايد، اهڙو بہ ڪو عام ماڻهو هجي، جيڪو رستي تان يا ڪنهن گهٽ گهيڙ تان گذرڻ مهل اوسي پاسي جي شين کي غورسان ڏسندي گذريو هجي! مگر، هر عام ماڻهو ايئن نہ ڪندو آهي. عام ماڻهو جتان بہ گذرندو تہ هو پنهنجي ڌُن ۾ مست گذري ويندو، پر اِڳيان ايندڙ شين ڏانهن ڌيان ڏيندي نہ گذرندو آهي، هوسامهون نظر ايندڙ هر شيءِ يا

هر واقعي کي غور ۽ فڪر سان نہ ڏسندو ويندو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نہ رڳو وڏو شاعر هو، پر هو هڪ عظيم مفڪر بہ هيو. سندن جتان بہ گذر ٿيندو هو، جنهن بہ شيءِ کي ڏسندو هو، تہ ان تي ويچار ڪرڻ کان سواءِ ڪڏهن بہ گذري نہ ويندو هو. شاهہ صاحب وڏين ۽ مشهور شين سان گڏ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ تمام ننڍڙين شين جو ذڪر ڪيو آهي. هيٺ شاهہ صاحب جي ڪلام جي حوالي سان اسان انهن ساهوارن، پکين ۽ پسن جو ذڪر ڪيون ٿا، جن کي شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ خوبصورت انداز سان بيان ڪيو آهي، جنهنڪري اهي شيون ننڍڙين هوندي بہ اهم ٿي پيون آهن.

شاهہ صاحب، جن جانورن، جيتن، پکين ۽ پسن جو مشاهدو بيان ڪيو آهي، اگر انهيءَ بيان جي انداز تي غور ۽ ويچار ڪجي، تہ شاهہ صاحب اهو پهريون سنڌي عالم نظر ايندو جنهن علم الحيات (Biology) جي موضوع تي اسان لاءِ مواد ڪٺو ڪيو آهي. شاهہ صاحب جي اها تمام وڏي ڪمال جي قابليت آهي، جو جنس بہ ساهواري جو ذڪر ڪري ٿو، تہ اهو ماهرانہ انداز سان ڪري ٿو. مثال: اسان کي شاهہ صاحب اهو ٻڌائي ٿو، تہ مذڪوره جانورن، پسن ۽ پکين جون ڪهڙيون عادتون آهن؟ ڪهڙي خصلت جا اهي مالڪ آهن؟ ڇا ڇا کائڻ پسند ڪن ٿا، ۽ ڪهڙيءَ طرح اسان سان ريجهي رهي سگهن ٿا ۽ انهن مان انسان ڪيئن فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو؟ وغيره.

Gul Hayat Institute

هتي هڪڙي ڳالهه ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وقت ۾ يعني اڄ کان ٽي سو (300) ورهيہ اڳ سنڌ تہ ڇا، پر پوري دنيا ۾ علم الحيات (Biology) جو تصور اڄ وانگر ڪو نہ هيو، ۽ نہ ئي ڪي ليبارٽريون (Laboratries) ايجاد وجود ۾ آيون هيون، جن ۾ اڄ جيئن تجربا ڪري ۽ نتيجا ڪڍيا ويجن ٿا. ان وقت ۾ جانورن، پکين، پسن ۽ ٻوٽن لاءِ محض غور ۽ فڪر سان مشاهدو ڪيو ويندو هو، جنهن مشاهدي اڳتي هلي موجوده سائنسي رخ اختيار ڪيو. اسان جي اها بدقسمتي چئجي جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، جهڙي عظيم مفڪر جي فڪر کي اڳتي نہ وڌايو ويو، پر ان جي فڪرکي محدود ڪري، ۽ هڪ مخصوص دائري ۾ بند ڪري رکيو ويو. شاهہ صاحب جي ڪلام جي مطالعي کانپوءِ وثوق سان چئي سگهجي ٿو، تہ جيڪڏهن سنڌس فڪر کي فراخ دلي ۽ حقيقت پسنديءَ سان اڳتي وڌائجي ها تہ سنڌ بہ اڄ سائنسي دنيا جي قطار ۾ بيٺي وڃي ها.

سڀ کان پهرين، انهن ٻن پالتو جانورن جو ذڪر ڪجي ٿو، جن جو شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ تمام گهڻو مشاهدو پيش ڪيو آهي:

مينهن

سنڌ جي چوپائي مال مان شاهہ صاحب "مينهنِ" جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي. سر سهڻي ۽ سر سارنگ، مينهن جي تعريف

Gul Hayat Institute

سان پريل آهن. هونءَ بہ مينهن کي سنڌ اندر ’ رزق ‘ سان تعبير ڪيو ويندو آهي، ڇو تہ سنڌ جي ڳوٺاڻي ماڻهوءَ جي معاشي زندگيءَ جو ’ مينهنِ ‘ وڏو سهارو رهي آهي. شاهہ صاحب مينهن جي کير جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

مينهون پاڻ مراديون، ٿڏا چرن ٿر،
وڏي اوهہ آئيون، پٺيءَ لائي ڦر،
ساري اڇيو سوٽا مينهون، ڏين کير سڄر،
ساڻ واندين ورَ، پريَ پرچڻ جون ڪيون.

أُٺ

ٻين جانورن کان ”أٺ“ جو ذڪر شاهہ صاحب گهڻو ڪيو آهي. هن جانور جي سنڌي ثقافت ۾ وڏي اهميت رهي آهي. ماڻهو کيتيءَ جو ڪم بہ انن کان وٺندا هئا ۽ واپار وڙي لاءِ بہ انن جا قافلا ڪم ايندا هئا. سنڌ کان نڪري اهي قافلا هڪ طرف قنڌار ۽ هرات وڃي دنگ ڪندا هئا تہ ٻئي طرف ڪيچ، پَنجُ ۽ ڪانيا واڙ ڏانهن مال کڻي ويندا هئا. شاهہ صاحب اٺ جي ٻڻ ٻنياد ۽ ڪُرَ جي ڳالهہ ڪندي، اهو ٻڌائي ٿو تہ انن جو سٺو نسل چونڊڻ تمام ضروري آهي:

ڪرها ! ڪُرُ سڃاڻ، پئڪو ۽ پاهيو،
اصل آهي آهنجو، ناليرو نڏاڻ،
ڪرها ! اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪج چڱايون.

Gul Hayat Institute

پاڻيءَ جا جانور

خشڪيءَ جي جانورن کانسوءِ، شاهه صاحب پاڻيءَ جي جانورن ۽ جيتن جو بہ ذڪر آهي، سرسهڻيءَ ۾ پاڻيءَ جي جاندارن جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

دَهَشَتَ دَمر درياهَ ۾، جت سَنّاٽا سَيسارَ،
بيحَدِ باڳوُ بَحرَ ۾، هَيبَتناڪَ هَزارَ،

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

گهڙي گهَڙو هَٿ ڪري، اِلاهي تهارَ !
جِنگهہ جَرڪي واتَ ۾، سَـيِ ڪي سيسارَ،
چُوڙا ٻيڙا چِڪِ ۾، لُڙَ ۾ لُڙيَسِ وارَ،
لکين چُهڻَسِ لوهَڻيون، ٽِيليون ٽَرِ نئون ڏارَ،
مِڙئا مَڃَ هزارَ، ياڳا ٽيندي سوهَڻي !

پکي

ڪونج: هڪ پهاڙي پکي آهي، جو سنڌ جي لڳو لڳ بلوچستان وارن پهاڙن ۾ رهندو آهي. سخت سرديءَ جي مند ۾ سنڌ ۾ لهي ايندو آهي. هو وڳر ۾ ولر ڪري داڻو حاصل ڪندو آهي. اڇي رنگ جو قداور پکي، ڏکهي ڳچيءَ سان ٿيئي، ان جي آواز ۾ چڳو ميناج آهي. ڪونج کي حسن ۽ سونهن جو درجو صرف سنڌ جي شاعرن ڏنو آهي، ۽ اهو درجو دنيا جي ٻي ڪنهن بہ قوم جي ادب ۾ ڪونج کي ڪونہ ملي سگهيو آهي.

Gul Hayat Institute

ڪونج سنڌ ۽ سنڌين جي زندگي ۽ تمدّن جو اڻ ٽٽندڙ حصو بڻجي چڪي آهي. هن پر ديسي پکيءَ کي شاهه صاحب ڏسندي فرمايو:

قِسمتَ آندِيون ڪونجڙِيون، وَطنَ سندن روُهه،
ڪِنهنِ جو ڪونهي ڏوهه، رِزقُ رزاق هَٿَ ۾.

ملڪ مولا جا ہيا بہ ڪيئي تي وسيا، وڏئون وڏ، پلئون پل، پر هِن جي نظر سڀ کان اول سنڌ تي پئي. شايد انڪري جو سنڌين ۽ ڪونج جي ڪن خاصيتن ۾ ڪا هڪ جهڙائي ضرورآهي. ٻُوڙو ڦُٽو، سَرءَ سِڙهه ڪنيان تہ ڪڪرن ۾ سندن ڪرڪاٽ هوندا. اهي ڪرڪاٽ ٻڌي، شاهه صاحب کي بہ اندر ۾ اڌما جاڳن ٿا، ۽ ڪين ماٺ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو:

مَ لَنئو ڪونجي ! ماٺ ڪَر، چورِمَ هيئين چاڪَ،
ڦَٽيون جي فِراقَ، سي گهَرِ گهارِينديون ڪيترو ؟

ڪانگ

ڪانگ کي، شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ وڏي اهميت ڏني آهي. چاڪاڻ تہ ٻهراڙيءَ واري زندگيءَ ۾ ڪانگ کي وڏي اهميت آهي. هو نہ فقط سنڌي شاعريءَ جو هڪ مکيہ ڪردار آهي، بلڪ اسان جو فئملي ميمبر بہ آهي. سڄو ڏينهن گهر ۾ هوندو، پيو لچايون ڪندو، ڪڏهن ڪُڏ ڏئي ٻارن کان ٽڪر کسيندو، ڪڏهن مائيءَ جي اک ونيءَ اٽي جي پاٽ

Gul Hayat Institute

۾ ڇهنب هٽي ڪڍندو، جي وس پڇندس ته چاڙهيءَ مان ڏڪ به پي وٺندو. نيرن پاٽي انهيءَ نموني ڪري، پوءِ ٺهي ٺڪي وهندو سانگين جا سنيها سٽائڻ ۽ نيهن جا نياپا ڏيڻ. هو پيو ڪندو ”ڪان ڪان“ ۽ مايون پيون چونديون !

”لَئيج لات لطيفُ چي، ڪَڏهِ اِندم ؟ ڪانگ !“

تاڙو

هن پکيءَ جو وستار، شاھ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڏاڍي چاھ سان ڪيو آهي. عام طور تي مينهن جي اڳوات خبر ’تاڙو‘ ڏيندو آهي.

مُندَ تي مَندَلَ مَنديا، تاڙي ڪِي تَوارَ،
هارِنِ هَرَ سنباهِيا، سَرَها ٿيا سنگهارَ،
اَڄُ پِرِ مُنهنجي يارَ، وَسڻَ جا ويس ڪِئا.

هنج

پاٽيءَ جي سيني پکين ۾ تمام وڏو ۽ تمام سهڻو ٿئي ٿو. هن جي ڳچي سهڻي ۽ خمدار ٿئي ٿي ۽ هن جي شڪل وڻندڙ آهي. هن جا کنب اڇا ٿيندا آهن. انهن ڳالهين ڪري قديم زماني کان ماڻهن هنج جي تعريف پئي ڪئي آهي، خاص طرح هندي شاعريءَ ۾ هن جو ذڪر چڱو خاص آهي.

Gul Hayat Institute

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي ڳُڻَ ڪري نِهارِيين،
ٻـگهَنِ سين ٻِيهارَ، ٻيلهَ نـ ٻـڌين ڪَڌهين.

مطلب تـ اسان جو شاعر شاهـ عبداللطيف ڀٽائي هڪ اعليٰ ذهن جو ماڻهو هيو، هو ڏاڍو سياڻو ۽ صاف دل انسان هو. اهڙا انسان خلقتهار ڪڏهن ڪڏهن خلقيندو آهي، پر هميشه نـ، ليڪن هڪڙي ڳالهه ضرور آهي، تـ انهن سياڻن ۽ عقل مند ماڻهن جي تعليم تي، جيڪڏهن عمل ڪبو تـ الله تعاليٰ عمل ڪرڻ وارن کي بـ سياڻو بڻائيندو آهي، ڇاڪاڻ تـ سياڻن انسانن جي تعليم اعليٰ هوندي آهي. ان ۾ عقل، عرفان- سچ ۽ سورهيائيءَ جي تعليم ڏنل هوندي آهي. انهيءَ ڪري انهن عقل مند ۽ ڏاهپ وارن انسانن جي ڏنل تعليم، پڙهائيندڙ کي بـ عقل مند ۽ ڏاهو بڻائيندي آهي. واضح رهي تـ شاهـ عبداللطيف جي وفات کان پوءِ، برصغير جي ورهاڱي تائين، شاهـ صاحب جو رسالو صبح سوير جو ثواب طور پڙهيو ويندو هو. انهيءَ ڪري هر گهر ۾ رسالي جو وجود بـ برڪت جو باعث سمجهيو ويندو هو.

هن ڪتاب جي مطالعي ۾ اسان ڏٺو تـ شاهـ عبداللطيف ڀٽائي، اسان جو ذهين انسان آهي. سندس شاعريءَ ۾ اهڙيون رمزون ۽ راز سمايل آهن، جو ڀليل انسان بـ جيڪڏهن انهن کي پروڙي تـ اهو بـ سڌي راهه تي اچي سگهي ٿو ۽ عقل وارو ٿي سگهي ٿو!

Gul Hayat Institute

سنڌ جا سپوت

١. شاه عبداللطيف ڀٽائي
٢. سچل سرمست
٣. شاه عنايت شهيد
٤. مرزا قليچ بيگ
٥. جنرل هوش محمد شيدي
٦. دولهه دريا خان
٧. مخدوم بلاول
٨. حيدر بخش جتوئي
٩. مولانا عبيدالله سنڌي
١٠. دين محمد وفائي
١١. علامه آءِ- آءِ- قاضي
١٢. قائد اعظم محمد علي جناح
١٣. علامه عمر بن محمد دائود پوٽو
١٤. پير حسام الدين شاه راشدي
١٥. ذوالفقار علي ڀٽو

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

Gul Hayat Institute

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

Gul Hayat Institute

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute